# استادن، مائٽن جا اوسيڙا ۽ ٻارن جي ڪاميابي

April 3, 2007 at 6:10 pm | In Autobiographical, Education | 1 Comment | Edit this post

ٻارن تي ماءُ پيءُ ۽ استادن جي اوسيڙنِ جو وڏو اثر پئي ٿو. هر ٻار جي قابليت ٻي، پرَ قابليت جو ڪردار پنهنجي جاءِ، ۽ اُجمائتي پنهنجي قدر رکي ۽ اها تعليم لاءِ اُڄمِي جي ڄاگرتا وڏنِ جي اوسيڙن سان پڙ وڏي.



مان بورڊَ جا امتحان ڪراچيءَ ۾ ورتا جو اٺين درجي جي وچ ۾ وري اسان ڪراچي لڏي آياسين. نائين ۽ ڏهين حبيب سِڪوُلَ مان ڪيمِ ۽ يارهين ۽ ٻارهين ڏيارام ڄيٺمل سنڌ سائيس ڪاليج مان.

( ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج جو مٿيون فوٽوُن 1923 جو نڪتل آهي، هن ويب ڪڙيءَ تان ملندو جتي ڪراچيءَ جا ٻيا ٻہ فوٽوُن ڏسڻ ايندا)

جڏهن يارهين درجي جي بورڊَ امتحانَ جو نتيجو نڪتو تہ امان مان سان رنجي ويئي. بابا حيدرآبادِ ويلِ هئا ۽ تنهن ڏينهن ڪراچيءَ موٽيا. پڇيائون تہ امان ڇو رنجَيل آهي. ٻڌايومانسِ تہ مان سان خوش ناهي جو ٻہ چار مارڪوُن يارهين جي امتحان ۾ ڪُٽل نڪتمِ.

پڇيائون ڪهڙي متنَ ۾ پاس نہ ٿيئين؟ مان چيو پاسِ ڪرڻ جي تہ ڳالھ ڪانهي، پهرين بيهڪ ملڻ ڪان ٿوريون مارڪون گهٽ آيون.

بابا اجا ڳالھ نہ سمجهي. وري پڇاياڻون تہ ڊويزن ڪهڙي آئي. ٻڌايومانس تہ هونئن تہ هر متن ۾ ناموَري مارڪون (”ڊسٽنگشن“) آيون آهن پرَ



جوڙيل مارڪون بورڊ ۾ ٻي نمبرَ جي بيهڪ تي بيهارن ٿيون جنهن تي امان مان سان رنجيل آهي. بابا ٿڪُ ڏنو. چيائون مان هاڻ حيدرآباد مان پيو اچان، اتي تنهنجي ڪنِ مائٽن منائي پي ورهائي جو پٽ ٻي ڊويزنَ سان پاس ٿيو. امان وري بابا کي چيو تہ توکي رڳو پُٽنِ کي ڪارڻو آهي..

”ڏٽي مٿو ڏنو اٿسِ سو تنهن تي وڏائي نہ سمجهي، ٿوري وڌيڪ محنت ڪري ها تہ ٻيو نمبر چو اچيس ها؟ مان جڏهن ليڊي هارڊنگ ڪاليجَ ۾ ڊاڪٽرِي ڪرڻ ويسِ تہ سنڌ لاءِ هڪ داخلا هُئي، ٻيو نمبر اچي ها تہ ڊاڪٽري ڪري سگهان ها؟“ (پاسي ۾ فوٽون امان جي جواني جو ورتل آهي. ساٿس منهنجو وڏو ڀاءُ پنهنجي ننڍپڻ ۾). خيرُ. ٻنهي جي ڳالھ پلي – هڪُ تہ ٻارنِ کي سدائين همٿائڻِ ۽ ٻيو تہ تن جي ڪاميابي لاءِ وڏي اوسيڙائت ڏارڻ.

ننڍي هوُندي جي هيءَ آڪاڻي ياد آيمِ جڏهن هيٺين ڳالھ هڪَ چنيءَ ۾ نيوُيارڪِ ٽائيمس اخبار ۾ پڙهيم جنهن ۾ ليڪڪ ايئين اُتو–

*"20 Students Who Work Hard and Dream Big Win Times Scholarships" (news article, March 12) includes a subtle message throughout that ought to be stressed with special emphasis... Teacher and parent expectation may be the two most important factors in guiding and motivating students. Condoning mediocrity may provide comfort, but impedes high achievement.*

*Alfred S. Posamentier*
*New York, March 12, 2007*
*The writer is dean of the School of Education, City College (of New York)*

هيءَ چٽي هڪ يارهين ٻارهين ڪلاسِ جي ٻارن لاءِ وگيانڪُ رِتن مقابلي بابت هڪ خبر جي اُتَرُ ۾ لکيل هئي-

پڌري ڳالهه آهي تہ هرُ ڪو هرَ ڪا نڪي پهرين بيهڪ تي اچي سگهي، نہ ٻيءَ، نہ ٽيئن .ٻيو وري اهي امتحان ڪي اهڙا ناهن جو يٽا ٽٽا ڄاڻ ماپن .پَرَ اهو بہ سچَ آهي تہ ٻارن جي سوچ ۽ تعليم جو هڪُ وڏي ۾ وڏو ويري پنهنجي گهٽتائي جو احساس آهي جيڪو ڪيترن کي ماحول ڏي ٿو ..تنهن بدران استادن ۽ مائٽن کي ٻارن جي تعليم لاءِ وڏي اوسيڙائت ڏارڻ گهرجي تہ ٻارَ بہ پاڻ وڏيڪ سَر انجام ڪندا ـ

ڪين ڏسندا ڏوهَہ اسان جا، بَديون سڀ بخشيندا

آهي اوسيڙو اکڙين کي، گولِي ساڻ گڏيندا

ڪيچَ وٽن ڪَون پَٽي پَڪَڙا، آٽي هِتِ هوتَ اَڏيندا

جيهو تيهو "سچُو" سَندان آ، پانهِجو ڪِينَ ڇڏيندا

( سچل سارو سچ!)